# مرڪ تي منع

(ڪهاڻيون)

*Murka te Manah*


## سندري اُتمچنداڻي

Sundri Uttamchandani


www.sundriuttam.com


www.sindhisangat.com

Download free Sindhi movies from

www.sindhisangat.tv

# فهرست


- ليڊيز هاسٽل
- سرءُ جي منڊ
- مڇڏ ماسي
- يادن  جا سنسان محل
- رڃ جو درياهہ
- هو ليڪڪ ڪين هو
- الڳ راهون
- سواگت
- وڏا ٻہ ٻار
- مرڪ تي منع

# ڪجهہ اسان جي طرفان

سندري اتمچند اڻي جي ڪهاڻين جو اٺون مجموعو توهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسانکي خوشي ٿي رهي آهي. هڪ معياري ڪهاڻيءَ جو سڀيئي خصوصيتون, توهانکي هنجي ڪهاڻين ۾ نظر ايندیون, زندگيءَ جي مسئلن کي مد نظر رکي لکيل سندس ڪهاڻين جا مرڪزي خيال, نهايت ئي سهڻي, پر اثر محاوريدار ٻوليءَ سان قباهيل ملندا۾ سندس ڪهاڻيون پالڪن کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪن ٿيون.

هنجا ڪتاب هند ۽ سنڌ ۾ ڪافي مقبول ٿيا آهن ۽ سنڌ ۾ٻہ ور ور ڪري ڇپيا آهن.

سندس ڪيتريون ئي ڪهاڻيون هندستان جيٻين ٻولين ۾ٻہ ترجمو ٿيون آهن.

نهرو امن انعام, ساهت ا ڪادمي انعام, گورو پرسڪار ۽ٻين ڪيترن ئي انعامن سان سندس ساهنڪ شيوڪن جو قدر ڪيو ويو آهي.

شهزادو منهنجي سپنن جو راجا قيد هو. مان ڪيس ڏيتي ليتي ونڻ سان مفت جو مال هٿ ڪرڻ جي زنجيرن کان آزاد ڪري ساڻس شادي ڪنديس.“

مگر ٿيو ڇا... اهي اڌ نهيل جايون جن جي ڇت تي ڪو پکي پکڻ به ڪين هوندو هو، فقط سياڳچند جي شاعراڻي ٻوليءَ سان سهڻيءَ جي سنهيءَ چادر ۾ ويڙهجي ويندا هئا اسانجا سرير هوا جي جهونڪن ۾ ساونڻ رت جهڙا گلن سان صسينگاريل جهولا نظر ايندا هئا.

ڪنهن پکي پکڻ جي هاڪي اواز تي مان به چرڪ پري سياڳچند سان ڀڙي پوندي هئس ۽ ٺيين اسان ملهايو هني مون اڌ جڙيل مڪان ۾، جتي نه در هئا ۽ نه ٻولٽ هئا اجڙي ويئي

جڏهن انهن اڌ جڙيل مڪانن ۾ منهنجي چوڏهن پنڌرهن سورهن ورهين تائين زندگي تڏهن منهنجي ناري سرير اندر سرجنا جو احساس ٿيو. مان سمجهي ويس ناريءَ ڪي ڌرتي ماتا جو روپ ڇو سمجهيو ويندو آهي. پر اهو سڀ ٻڌڻ سان سڀ سياڳچند جو منهن لهي ويو. ڇيڪئين انهيءَ سوال ڪي ٻه ڏسڻو اهي ۽ هي ٻيو ڪم نڪتو آهي، اسپتال ۾ نرسين جي ڏاڍي ڪوٺ آهي، منهنجي هڪ دوست تو لاءِ وڏي پگهار تي نوڪري ڏيڻ جو انجام ڪيو آهي. سياڳچند جي وهنوار ۾ ان مهل ايتري نماڻائي هئي، جو مون هڪدم ها ڪري ڇڏي اڄ سچيان پيئي جنهن سياڳچند ور ور ڪري مونکي ڇيو هوندو ته مونيک سماج جو ذرو به ڊپ ڪونهي، اهو ان مهل ايڏو ڊنل هو جو ان مهل مان نرس جي نوڪرءَ لاءِ اگر نه ڪريان ها ته شايد منهنجي پيرن تي ڪري پوي ها.

خير، نرس جي نوڪري ته هڪ بهانو هو. ڊاڪٽر سياڳچند جو دوست هو. مونکي ڇيڪئين، ”نرسين جي پهرين ڪجهه تپاس ڪبي آهي ۽ مونکي ليٽائي بيهوشيءَ جي دوا سنگهائي ڇڏيڪئين.“

ان ڏينهن شام تائين نرس جي ڊيوٽي ڏيڻ بدران مان خودئي نيم بيهوشيءَ ۾ اسپتال ۾ پيئي هئس. هي سڀ ڇا هو؟ ڇالاءِ هو؟ اهو به اڄ ٿي. سمجهان ڇو ته هفتي کن اندرئي مونکي ڇيو ويو هاڻي اسپتال ۾ نرسين جي ڪوٺ ڪانهي، تون پلي سلائي ڪري پنهنجي آجيوڪا ڪيندي ڪر.

سياڳچند پري پر يهلي مسواڙ ت يهڪ گهر ورتو هان هو جاين جي دلاليءَ مان چڱو ڪمائڻ لڳو هو. پارٽيءَ ڪي پنهنجي ٻن ٻارن سوڌو گهر ۾ ڇڏي سياڳچند پنهنجي ٺئين گهر ۾ مونسان گڏ رهڻ لڳو. مان رات جو هميسه ماءُ وٺ هلي ايند يهئس. پهرين ته پيسرن ڏاڍا پنڻ ڪيا. پر جڏهن ڏٺئون مان روزانو ما ڪي ننڊين پيئرن، نندي ٻيڻ جي پالنا لاءِ خرچ ڏيڻ لڳي

خبر ناهي ڇا ڪجهه هو هن جهڳڙي جي اندر. مون ماءُ جي گهر پهچي، پاڻ سان انجام ڪر يچڏيو ته ور يهن در تي نه ايندس.
مون چيو، ٻلا وانگر ڀي ويئي آهين سياڳچند کي؟ پر مڪه کولي ڏس پياسو خشڪ چپن وارو هي تنهنجو تي ته مڪه آهي جو امبرت لاءِ واجهڪي رهيو آهي. پياس رودن ڀري ڇڏيو آهي تنهنجي هانو ۾...“

---

تڏهن سرءُ جي موسم اچا کين شروع ٿي هئي. منهنجي سرير جي ڌرتيءَ تي بهار جي مند گل ڦلنبا ۽ بهارون لايو بيني هڪئي. تيهن ڪان مٿي هوندي منهنجي عمر، جڏهن ليلان داديءَ جو ياءُ رمون، هڪ هڙ ۾ ڪجهه ڪپڙا مون وٽ ڇڏي وڃڻ لڳو.
”اڙي پيئي هيڏانهن هيڏانهن، ڪجهه سمجهاءِ ته سهين کهڙي کهڙي ڪپڙي مان ڇا اچ سبڻو آهي.“
رمو منهنجي سامهون مشن وٽ بيهجي ويو. هو سڏو سڏو منهنجي اکين ۾ ڏسڻ لڳو.
منهنجي من جي دريا ۾ هڪ مڇليءَ اچل ڪاڏي ”اڙي شهزادا“
ڪجهه دير ڪانپوءِ رموءَ جي تاب جڏهن منهنجي نظرن کي جهڪڪي ڇڏيو، تڏهن چيئين،
”اهو سڀ ليلان اچي ڪندي. منان چپ رهيس. ملئين به ڪونه پڇيم ”اهو سڀ“ ڇا؟ ليڪن اهڙي ڪا مورچا مو رهي ويئي هئي جو ڪجهه ڪچي ته نه سگهيس رمءَ کي وڃڻ کان روڪي به نه سگهيس.
ٻئي ڏينهن صبح جو ليلان ۽ رمو منهنجي گهري آيا. ليلان چيو هي منهنجو ڌرم جو ياءُ ڏنئه سونيلبس چريه ٿي پيو لٽي توتي.“
مان کلڻ لڳيس. پري ڪٿي زندگيءَ جي سچيين وادين ڏي ڏسندي چيم، ”واهه پيئي ليلان ڏاڍا وڏا چرچا پيئي ڪرين مونسان... هل پلابڏاءِ هنن ڪپڙن مان ڇا ڇا تيار ڪرڻو آهي...“
انهن ڪپڙن جي سلسلي ۾ رموءَ روز اچڻ شروع ڪيو چيئين، ”شهر ۾ هل ته توکي هڪ دوست اکن پيٽيپرن سبڻ جو آرڊر وٺي ڏيان بس توکي ڪم ڪرڻ جي ضرورتئي نه پوندي.
”عجيب ڳالهه پيو چوين رمو آرڊر لاءِ ڪم نه ڪبو ته آرڊر پورو ڪيئن ڪري ڏبو.“
”سونيا ڪم ايتر سولو ۽ گهڻو ملندو جو مشينون رکي ماڻهو ڪم تي لڳڪي، تونبيا آرڊر

هئي جنهن ۾ رمو ۽ مان وينا لڏي رهيا هئاسين نہ راڌا ڪرشن هئاسين... ڪجھ دير ڪانپوءِ اننت ۾، پهليل خوشيءَ کي سميٽيندي، پاڻکي هڪ عجيب درد ۾ مبتلا ڏٺم. ڏکهو ساھ کڻي چيم "هلون؟..."

رمو پل جي ڪٺهڙي کي آڏار ڪريبيٺو هو. مٿر مرڪ سندس مک تي هئي، نهاريئي نهاري رهيو هو مون ڏانهن يڪٽڪ ڏيري چيائين، "سونيا تون واقعي خوبصورت آهين..."

اڙي اڙي هي تہ هن ڇوڪري مونتي آڪاس پلئي وڌو مان هڪبي آرام خوشيءَ کان اکين ۾ ڳوڙهيا آني ڪلڻ لڳيس... "هلون هاني رمئيا... ماٺهو پيا اچن وڃن" هاڻي رموبانهونبڌي هلڻ لڳو.

کهڙو آهي قدرت جو قانون رمو تہ تير جوان سڌو ٿئي هليو ۽ مان... مان تہ جڻ هڪ ڍنل يت هئس. پيرن مان پختگي ور ور ڪر نڪري ٿي ويئيبي سهاري ولبڻجي يئي هئس، ڪاش ڪنهن وڻ جو سهارو هجي. رموءَ منهنجي ٺونٺ کي جهلي منهنجي پيرن ڏي ڏسندي چيو، "چمپل ۾ ڪجھ لڳي پيو توکي؟"

"ها" مونن ڪنهن غئبي سور کان ڪڙاهي چيو. رموءَ يڪدم هڪ پنو کيسي مان ڪڍي کڻي منهنجي پيرن اڳيان رکيو. چيائين، "هن تي پي رکبنا چمپل جي." پير ۾ ڪا تور پرجي ويئي هئي چمپل مان پيرمئي نہ نڪري. رمون هيٺ ويهي منهنجو پير چمپل کان آجو ڪري، پني تي رکيو ۽ يڪدم پين سان ماپ ليکي ورتائين. وريبہ پنهنجيئي هٿن سان منهنجو پي رمٿي ڪري هڪ پيرو مٿيس پيار سانٻئي جهٽ ڦيرلئي وري پير کي چمپل ۾ وڌائي جنهن وقت منهنجي پير مٿان سندس هٿ گهمي رهيا هئا، تنهنجي وقتلئين لڳو ڌرتيءَ زور زور سان گهمراڻي هٽي مونکيبيهڻجي ميزان مان ڪڍي ڇڏيو آهي. تڏهنبئي هٿ هيٺ رموءَ جي ڪلهي تي رکي، ان چڪر کي سهاري ورتم....

هلندي هلندي هڪ ترڇيءَ نظر سنا مونڏي ڏسندي رموءَ چيو، "سونيا هڪ ڳالھ پڇاءِ ؟" مون ڪلي ڏنو، "ڳالھ پڇڻ لاءِ موڪل وٺڻ جي هي4 کهڙي قسم جي ارچڻلئي آهي تو وٽ."

"تون منهنجي ڪلهن تي هٿ رکيا.. ڇو."

کيس رستي ۾ هڪ هنٽبيهاري سندس سندر منهن کي نظر سان ڇهندي چيم، "ڇو؟... تون مونکان ڏھ سال ننڍو ڇو آهين؟.. "پهرين ان جو جواب ڏي..."

ڪنهن وٽ ڪوئي جواب ڪين هو. اها رات ڪيئن گذري....بس مونکيئي خبر.... هن ٺئين ناتي مونکيبي آرام ڪري وو.

”تون هتيبينچ تي ويهه تہ سهين. هلن ڏس هي گلاب“ رموءَ گلابجو گل ڪٽي مونکي هٿ ۾ ڏنو. مونکي اڄئي خبر پيئي تہ رموءَ جا هٿ ۽ هٿن جون آڱريونبہ گلاب جي پنکڙين وانگر نرم آهن. گلاب ڪي سگهندي من جا ڪهڙ اڪهڙا پٽ ڪلي پيا, ڇئي نتي سگهان.
رموءَ چيو, ”مون اڄ توکي ڪلهوڪيءَ ڳالهہ جو جوابڏيڻ لاءِ هتي وهاريو آهي. اسين ڇوڪرا ويهين سان جا هجون يا ستاويهن جا, ڪوئي فرق نٿو پوي.“
”۽ اسين ڇوڪريون ستاويهن جون هجون يا سٺيهن جون هجون تڏهنبہ ڪوئي فرق نٿو پوي؟“
”ڏت... پريم جي جهان ۾ عمر جا فرقبيوقوفت ڳڻيندا آهن...“
”پريم .. ڇا پيو پوين رمو؟“
”پاڻ ڪي دوڪو نہ ڏي سونيا“ رمو دور دور ڏسنديبہ ڪنهن اندرينءَ اڪ سان مونکي جاچي رهيو هو... مان اچانڪ پر ۾ ويٺل رمو جي گوڏن تي سر رکي روئي پيس....
رموءَ منهنجي مٿان هلڪو جهڪي منهنجي لونديءَ وٽ منهنجو منهن آندو. موت هنڪان وڌ منو ڪيئن هوندو ڪڙو ڪيئن هوندو. هاهاڪر هو منهنيج تنبدن ۾ سک, دک, اميد, نااميدي, من ساگر ۾ اهڙيون لهرونبڻجي ور ور ڪنديون پئي آيون. جو اڪيون منهنجون سيلابڻجي پيئون...
”مان توسان شادي ڪندس سونيا“ هن ڪن وٽ مونکي ڪهڙي هيءَ ڳالهہ چئيبرهماند ۾ جوٺيون ٺمڪڻ لڳيون تيز هولئون انهن ڪي وسلڻ لاءِ آيون ”رمون خبر اٿئي مونکي ڪنهن وقت سياڳچند جي سنگبدنام ڪري ڇڏيو هو ؟...“
”مونکي انسان ڪوئي واسطو ڪينهي.“
”مو ۾ تو وانگربئي ڪي مدد ڪري چاڙهڻ جو ڏانءُ ڪونهي, نہ تہ وانگر موتين جهڙا ڏند ڪڍي ڪلڻ تي اچيمف تہ موهيندڙ مرڪ آهي سلئين منهنجي منهن تي.“
”سونيا ڪي ڇا آهي ڇا ناهي, انجي توکي ڪهڙي خبر, تو وٽبس هڪ ڳالهہ تارن تار پريل آهي.“
رموءَ جو هي ماٺ ماٺ سان ڏسڻ جو سياءُ
”ڪهڙي“
”......“
وري پڇيم ڪهڙي ڳالهہ آهي مو ۾ تارون تار پريل؟ پنهنجي ٽڙيل گل جهڙي منهنجي ڪي

ڏس رمو ڀاءُ سونيا جيءَبدن تي هر انچ مٿان منهنجي ڇاپ آهي..“ وغيره.
مونکي لڳو ڌرتي ڀيءِ ڏڏي. ڀينگهه تان لهي پٽ تي ٿي وينس. رمو جي گوڏي تي ڪٽي سر رکيم. رمو چيو ، ”ڇا ٿو ٿئيئي؟“
اهو ڏينهن اسانجو ڪيئن روئندي گذريوبس پرماتما ٿو ڄاڻي. مان آپگهات ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويس. هڪ ڀيرو ته پڇيبالڪنيءَ مان ٽپو ڏيڻ جي ڪوشش ڪيم. پر رموءَبه وجهي مونکي گود ۾ ڪٽي وروت. چوڻ لڳو. ”مونکي ته تونبلڪلبار ڀيءِ لڳين.“ ڳل تي هٿ لائي چيئين،ٽپيو ڪير جيڪر ڳل تي ههڙو ڪارو داغ ڏسي ته خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا سڪ آڻي توتي..“
رموءَ جي هيءَ سٺ ڇا هئيبس ڪٽجي ويس مڏيءَ ڪاتيءَ سان هي ڇا ٿي ويو.. پريم جو هيرو وشواس جي منديءَ ۾ گهگهلو ٿين شوبه ٿي ويو هو ڪير ڄاڻي ڪيڏي مهل ڪري به پوي...
بس وقتئي ڪين لڳوبرابر هڪ ڏينهن اهو هيرو ڪريئي پيو. رموءَ جي نگاهه بدلجي ويئي. ڪي سمنهنجي هر چرپر ۾ شڪ اچڻ لڳو. سامهون دريءَ ۾ هڪ گنديءَ صورت واري ماڻهو مٿي نهاريو اسان جي ڄاءِ تي ڇهه ماڙ هئي، هن چوٿين ماڙي تان بالڪنيءَ طرف نظر ڪئي ۽ رمو چيو، ”ڏسجي ٿو هتيبه هڪرو تنهنو پريمي جنم وٺڻ لڳو آهي..“
”منهنجي رموءَ ڪانسواءِ ڪوئي نهايربه سهي مونڏي ته اکيون ڪڍي ڇڏيانس.“
”پڪ؟“
”پڪ ڇا منديءَ تي ٺڪ سمجهيو. منهنجي ڳالهه مان سندس گوڏي تي سمهيل هئس ان مهل چرچي جي انداز ۾ چيئين، ”ڪيترا ڀيرا مان ڪجهه شيءِ پي وٺڻ هيٺ هليو ويندو آهيان. پوءِ ويني اک ملائيندي هوندينءَ.
”اري اما“ مان رڙ ڪري اٿي وينس.
”هي ڇا ٿي ويو آهي توڪي رمو منهنجا ته ڇيهه ڇڄي پيا آهن اڄ..“
”اڙي چرچوبه نه ٿي سگهي سگهين؟ مان ته ساڀيا مان پيو گذران. ڪهڙيون ڪهڙيون ڇوڪريون پيئون پنياون پون. ماءُ شادي شادي، ڪري جان ڪڍي ڇڏي آهي.“
”هل تبرهمڻ ڪان مهورت ڪيلئي وٺون.“
”تڪڙ ڪهڙي آهي؟“

هاءِ ڙي هيءَ سرءُ جي مند وڻن سڪل پڻ ڪيرڪي ڇڏيا. رستي هلندي پنهنجي پيرن جي آواز چرڪڻي ٿي ڇڏيو... وڻن ۾ ته وري نوان غنچا ڦٽندا پر منهنجي سرءُ.. شايد مسڻ تاين هلي. ڪيترن سال گذاري ڇڏيا آهن هن مشين جي چڪري ڦرڻ ۾. نه ٿڪو آهي نه ٽٽو آهي. ڪپڙن سڀڻ جا آرڊر گهر ويٺي ملڻ لڳا آهن. هر سال نئين مشين شامل ٿيندي رهي آهي. وڏي وسيع هال ۾ هي سڀڻ وارين جو ڪٽنب وقت جي چڪر ڪي مشين جي چڪر ۾ ضربيندو هليو آهي. رپين جي لشڪر سان غريبيءَ جي قلعي تي سوپ ته پاتم پر هڪ جا پوت سسئي جي ڏيرن وانگرن منهنجي پنهونءَ ڪي پرديس ڏي اڻڻي ويا. ڪهڙ اڏونگر ڏوريان ڪهڙا جبل جهاڳيان... رمو مونکي سونا مان سونيا چوڻليئه؟ ڪيئن پلايان اهو پيار؟ منهنجي هر چاهنا ڪي پورو چو ڪي؟... چو آنده منهنجي جيون ۾ ڀهار؟ هاڻ ته سرءُ جي مند جو ڊلي آجهي تڀهار جي اچڻ جا سپئي دروازلبند ٿي ويا آهن. گهرڀاهران جوڀاغيچو آهي ان ۾ سنجها جو سمو روز پهچي ويندو آهي. شفق جي اداسخ لالي هوندي اتش ساڻ هلندو ويندو آهيڀي پناهه آسمان تان منهنجي ماضيءَ جو ڪاروان...

ننهنٻلڪيءَ ساڙهي ڪوٺي اڇي سس اڳيان رکي، ”امي هيٺئر استري ڪريمآئي آهيان.“
ماسيءَ پهرين تہ ننهن جي منهن ۾ ويٺي نهاريو پوءِ مرڪي ڪٽي ساڙهي ڪوٺي ننهن کان ورتائين جڏهنٻئي پير مردٻاهر نڪرڻ لڳا تڏهن ننهنٻلڪي، پنهنجي پٽ جيٻانهن کٽي سس کي پڪڙلڪي.
در گڏبند ڪري ”ماسيءَ چيو، ”هي پوٺو پهريدارٻہ ڏنو اٿن، ڏاڍا چالاڪ آهن اڄ ڪلهہ جا پٽ نهر“

هيٺ لهي آيس. ماءُ جي پرسان وڃي ويٺيس. سندس ململ جو وڏو ڇڪي پنهنجي منهن تي ڪٽي رکيم.
”اڙي تون روئين پيئي ڇا پڳلي نياڻي وڃي سڪي ٿي. ويچاري ماءُ ڪانسواءِ ڇني ڇوري ٿي پوي ها، ڪير مڱڻيس ها، ڪير پرڻيس ها گهر ۾ هئي ته ڪوڙي ڪوڏيءَ ڪانه گوپي ته وريءَ سهڻي آهي سانءَ سندس پرڻيل پيڻ رکي نه ڏير لاءِ ڪٽيس ها ته انجلبه الاجي ڪهڙا حال ٿين ها.
اڄ وري زماني ڪانپوءِ هن گيت اهي فرصت جون راتيون ۽ ڏينهن ڳولڻ شروع ڪيا آهن. ان گيت وچڙيل ميت، يادن جي سنسان محلن ۾ آٽي ڪڙا ڪيا آهن...
ڪير ڄاڻي اپ ۾ ڪهڙو تاروبڻي پيئي هوندي منهنجي هري.

نلنيءَ جو هٿ چمي سندس ساري وجود تي نظر ورائي ڪيس وڃڻ ڏنم. جوڌپور جي ننڍڙي گهر ۾ جڏهن رات رات جو مونکي شعر لکڻ جي موڊ هوندي هئي, تڏهن نلني اکيون پوري جاڳندي رهندي هئي, سندس هن لشڪام قربانيءَ اڳيان من جهڪي پيو. ان مهل جيڪو شعر منهنجي هٿ سان لکجي ويو, ان ۾ نلني ۽ سنيتا عجيب نمونيءَ سان نالو ڪموندني پلئي اتي ڪڙيون ٿيون.

سوريه ڏارا انٽرنيسنل جو ڪم سڄو مونکيئي سنڀالڻو هو پر پرين مينبرانچ ۾ مهنو ڪن ڪم سکڻ تي لڳي ويو. آفيس کان موٽندي سورج هاڻ روزيءَ ۽ مونکي ساڻ ڪري, ڪڏهن پڪچر هائوس, ڪڏهن ڪنهن ڪلب وغيره ۾ هليو هلندو هو. تورنئي ڏينهن ۾ مان سمجهي ويس ته سورج فقط سنيتا کي پاڻ کان پري رکڻ ۽ روزيءَ جي ڪمپنيءَ ۾ وڌيڪ رهڻ لاءِ هيءَ وريه انٽرنيشنل ڪولڻ جو ٽڪساٽ ڪيو آهي. پر دوستيءَ جي وچ ۾ جا ناٽي جي ديوار ڪڙي هئي ته دوست کي دڳ ڪيئن ڏيکارجي. روزي تمبس ناٽي جي لالچ سب ي سورج جو ساٿ ٿي ڏنو. هاڻ مونکي سنيتا لاءِ تمام گهڻو احساس ٿيڻ لڳو. پر سورجئي ته منهنجو دوست هو. منئي من ۾ ڪيس ڏوراپا ڏيندو هوس ته يار سچ چڏي وجي ڪوڙ تي پيو آهين.

هڪ ڏينهن ته پڙ پڌرا ٿي پيا. سورج کي روزيءَ صاف صاف چئي ڏنو ته تو منهنجو قدر نه ڪيو آهي. مان ولائت ۾ نوڪريءَ لاءِ ٿي وڃان.

سورج اچي مونسان ڳالهه ڪئي چئي ڏس پنهنجي حوبڊي زال کان وڌيڪ گهمايانس ڦيرايانس پوءِبه... . ..."

مونکي وجهه ملي ويو سنيتا جو پاسو ڪڻڻ جو. مون چيو, ”اهوئي ته هنن خريد ڪيل مبانهين جو نخرو اهي. هنن جو پيٽ پرجڻ جوئي ناهي.“

سورج چيو, ”پرمبيوقوف چوي ٿي منهنجي ماءُ کي جاءِ وني ڏي. پڇيس تنهنجي ماءُ منهنجي ڪير لڳي.“

مون چيو, ”دوست اهومبه ڊارو اچلي ڏس.“ منهنجي من کي پڪ هئي ته هيءَ عورت جاءِ ملڻ کان پوءِ سورج کي چڏي ويندي.

سورج روزيءَ کي جاءِ وني ڏني يا نه, ان کان اڳئي مونکي سوريه ڏارا انٽرنيشنل جي سنيتا واريمبرانچ ۾ وڃڻو پيو.

سنيتا چيو, ”مان ته هتيمبور ٿي پئي آهيان.“ مون چيو, ”هتي ته ڪم ايڏو هوندو, جومبور

هاڻي نڪي سيتل جواب ڏيڻ جي موڊ ۾ هو نڪي وڏو پاءُ وڌيڪ ٻڌڻ وارو هو. سيتل چپ چاپ پنهنجي اوطاق ۾ اچي ويهي رهيو.
منهورريءَ به اوطاق ۾ اچي ويٺي. سيتل چيو، ”پلا ڪهڙي پاسي سڄ اڀريو آهي. تون ته رات ڪان سواءِ هن ڪمري ۾ پير نه رکندي آهين؟“
منهوريءَ ڊپ واري انداز ۾ چيو، ”مان توهانکي پنهنجي گيان ڌيان ۾ لکندو پڙهندو ڏسي منجهڻ ڪوئي ڪونه ٿو سمجهي. هي ته سڀي دنيوي عيش عشرت ۾ رڳيا پيا آهن. توهانجي اوجل آتما کي ڏسي ڪين سگهيا آهن..“
سيتل پنهنجي زال مان ايڏي سمجهه جي اميد ڪڏهن ڪين رکي هئي. چيائين، ”ته پلا تو وٽي آهي ڇا اوجل آتما؟“
”ها ڇو نه ڏٺي اٿم.“ هاڻي منهوريءَ جي ڳالهائڻ ۾ ڊپ بلڪل ڪين هو. چيائين. ”هلو پلو ڪٿي به وٺي هلو مون کي، مان توهان سان ڪٿي به هلنديس. اسين وڏيون ويٺيون پنهنجين وڏين جو ڊپ ڪريون باقي ننڍي ڪشن جي ڪنوارمٽي آهي ته، ڏسو ڪيئن ته تون ڪري ڳالهائيس. سچو ڏينهن ته، ڏسو ڪيئن ٿي تون ڪري ڳالهائيس. سڄ ڏينهن ڊارلنگ اڄ هتي هلنداسين، اڄ تنهنجي آفيس ۾ هيٽري لڳي پهچنديس.. پڙهيل آهي ته سو ڇا؟ سمجهه ته اسانکي به آهي..“
”اڙي واهه منهوري ته وڌيڪ پڙهڻ لاءِ رکون ٽيچر؟“
”ضرور ضرور“
ان ڏينهن شام جو ويجهوئي هڪ دوست جي گهر لمڪڻ جي ميٽنگ هئي. سيتل پڇيو، ”هلندينءَ هڪ ميٽنگ تي؟“
”ڇيم نه، سرڳ ۾ ڇاهي توڳ ۾، جتي به وٺي هلندا اتي هلندس.“
منهوريءَ سوڌو سيتل، ليکڪن ۽ ليکڪائن جي محفل ۾ پهتو ته ڪنڌ وڏي وڃي ويٺو. ڪهاڻي ٻڌايائين انتي به حٿم ٻڌائين، پنهنجي ڇڙ وڇڙ قوم جي انتي ۽ ڳانڍاپي لاءِ خوب جوشيلا ليڪچر ٻڌائين، هاڻي منهوريءَ کي اشارو ڏنائين اٿ ته هلون. اوچتو هڪ ليکڪ ڪٿي سندس نالو پڇيو.
”سيتل“
”سيتل؟“ بس پوءِ جڻ ”سيتل سيتل“ جي لهر لڳي ويئي. هر ڪنهن جي من ۾ سيتل سان ملڻ جي اڇا هئي. هڪ ليکڪا چيو، ”تڏهن توهين آهيو ڇپا رستم سيتل؟ منهنجون

اوطاق ۾ ڪانہ هئي. هوءَ تہ ڪڏهو ڪر وڃي گهر جي ڪم ڪار ڪي لڳي هئي. سيتل اڄ گهر جي ٺهي ڪمرن ۾ گل اچلي سڳند ڦهلائي ڇڏي.

هاڻي سيتل لاءِ منهوري، گهر ۾ اوطاق وچ ۾، پلپٽجي پيئي. ڏير سويلئي ڪم تي هليا ويندا هئا، تڏهن منهوري سيتل ڪي اچيپٽڪيندي هئي. فلاڻيپار ڪي ٻڙ ڪانهي، فلاڻي ڪي ڪاپي ڪانهي، فلاڻيپار ڪي ٻڙ ڪانهي، فلاڻي ڪي ڪاپي ڪانهي، فلاڻي ڊريس تي رولو ڪيو آهي. سيتل هاني "ڏيرم"، "ننڍڙو"، "سياڻو، "ٻيئر انڪل"، "ننڍو دادا" خبر ناهي ڇا ڇا سڏجڻ لڳو.

تنهن ڏينهن هٿ مٿي جي پنيان رکي ليٽبو پيو هو سيتل. ڪيس سارو گهر. انجي اندر پاتين جا روئٽا ڏوئٽا، گهرجون، خواهشون. هڪ وڏي ناول جي هسٽري جاگرافي ٻئي لڳيون.

اوچتو هڪ وڏيءَ عمر جو ليکڪ، گهري آيو اوطاق ۾. چيلئين، "هاڻيئي مونسان هل. ڏورانهين شهر کان ليکڪن جي هڪ ٽولي اچي لٿي آهي، انهن جي هتي رهڻ جو ۽ هتي جي سيني ليکڪن سان گڏجاڻن جوبندوبست ڪرڻو آهي."

سيتلبزرگ ليکڪ سان پيرن تي هٿ رکي مليو. "سڀئين توهين ڇنا آهيو سپ ڪم ٿي ويندو."

واقعيپاهران آيل ٽوليءَ جي رهڻ ڪرڻ جو تمام سٺوبندوبست ٿي ويو. شام جو پنهنجي شهر جي ليکڪن سان گڏجاڻي رکي ويئي تہ سيني مهمانن جي آڪ وڃي سيتل ۾ پيئي.

سيتل اٿي پنهنجي شهر جي ليکڪن ۾ ليکڪئن جي سڃاڻپ ڏني. سندس شٽبولي ۽ چوڻ جو ڍنگ ڏسي، نوان آيل ليکڪ پڇڻ لڳا، "سيتل پاڻ، ڇا شاعر آهي؟"

ٻئي چيو، "چيبولي تہ ڪنهن ناولن نويس جي اٿس."

ٽئين چيو، "مار هنڪي تہ هر هڪ ليکڪ جا ڪتاب، انعام، ويندي ڪهڙينبولين ۾ سندس لکٽين جا ترجما ٿيا آهن، سوبہ ياد آهي"

هڪڙيپاهران آيل شاعرا چيو، "عجب آهي ههڙي سني شهاڪر جو اسان نالو تہ ڇا تخلص بہ ڪينبڌو آهي هوندو تہ پڪ شاعر. ڪيڏي شاعراڻيبوليءَ ۾ ٿو هڪ هڪ جي سڃاڻپ ڏئي"

وچ وچ ۾ ڪنهن سيتل ڪان سندس سڃاڻپ گهري، هو پهرين تہ "ترسو، ڪندو رهيو. پر آخر ۾ جڏهن پنهنجي سڃاڻپ ڏيندي ڪلي چيلئين، "مان تہ آهيانبس سيتل ليکڪ تہ مان ڪين آهيانٻپاهر وارا دنگ رهجي ويا.

چت، آشا جا ڳايل پنهنجا گيت ٻڌي رهيو هو. ڪيس ٻيءَ کي ڪٽڻ لاءِ سڏ ڪيم ته جواب ئي نه ڏنائين. شعر لکڻ مهل ته هون ڪجهه ٻڌندو ناهي. هاڻي شعر ٻڌڻ مهل به جواب نه ڏيڻ جي ڪار شروع ٿي رهي هئي. ڪنهن نموني ٻيءَ کي مات ڪري، مان ٻيءَ سان گڏ ئي سمهي پيس. شايد اڌي رات جو سمو هو، جو اوچتو جاڳ ٿيم. ڏسان ته روي اڃان ئي آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو آهي ۽ پاسي ۾ ٽيپ رڪارڊ مان، سندس پيارا گيت آشا ديويءَ جي سريلي گلي مان لهرائي رهيا آهن. مون هلڪو ڪڙڪو ڪيو. پهرين سمجهيم ڪيس ننڊ اچي ويئي آهي. ليڪن ڪن ڪانپوءِ ٽيپ خلاص ٿي ته ڏٺم وري انکي نئين سر چالو ڪري ڇڏيائين. خبر ناهي مونکي ڇا ٿي ويو. رڙ ڪري چيم ”بند ڪر، مهرباني ڪري بند ڪر روي“ ۽ رويءَ ڪيه خبر ناهي ڇا ٿي ويو چيائين ”بند نه ڪندس بند، توکي ڪپي ته ٻيءَ روم ۾ وڃي سمه.“

مون پڄرندي چيو، ”تون جيڪر ٻيءَ روم ۾ وڃي، اها ٽيڪ ٻڌين ته ڇاهي ٻيڊ روم سمهڻ لاءِ ٿيندي آهي، راڳن لاءِ نه ٿيندي آهي.“

هن ڏاڍي ڪراهت سان چيو، ”پلنگن ۾ ئي ٻڌي پئي هجج، توکي ڪهڙي خبر روح جي آزادي ڇا ٿيندي آهي.“

مان به وهاڻو کڻي روم سان اٿي ڪڙي ٿيس. چيم، ”اها روح جي آزادي ڪنهن استريءَ کي ماڻيندو ڏسو ته سڙي جيڪو خاڪ ٿي وڃو. اهي اسين زالون آهيون، جن جي زبان تي مهر آهي“ ۾

رويءَ جي ڳالهائڻ ۾ نهارڻ ۾ حد کان وڌيڪ ڌڪار ڏسي منهنجو روح رڙي اٿيو چيم، ”ڪهڙو آهين روي پهرينءَ رات کان وٺي سيدرا ناچڻيءَ جي مردي سان گڏ جيئڻو پيو. هاڻي شايد آشا ديويءَ جي زنده دليءَ سان گڏ

جيئدني، ڪنهن احساس ڪمتريءَ ۾ مرڻو پوندو؟“
ان ڪانپوءِ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا الزام هڪٻئي تي هڻندا رهياسين. اف ڪهڙو آهي هي لفظن جو طوفان جنهن ۾ سڀ پيار ۽ پريم ڇن ڀن ٿيون وڃي.
مان پنهنجو وهاڻو کڻي بيڊ روم کان ٻاهر ته نڪتس، پر رويءَ ڪانسواءِ ڪٿي جاءِ هئي منهنجي وشواس ڀريءَ ننڊ جي.
ٻئي ڏينهن تي ٻه، آشا ديوي وري اسانجي گهر ۾ ملئي. ”اسانجي“ نه چان، ”روي“، جي چوان، ڇ ته روي ان رات مونکان جو جدا ٿيو ته وري ڪڏهن گڏ نه ٿيو. دل ڪري، اسانجون راهون ٻلڪل الڳ ٿي چڪيون هيون. گيتن لکڻ ڪري رويءَ کي مشهري ملي هئي.
مشهوري ته رويءَ کي گهڻو اڳ ملي هئي، پر اهي گيت جڏهن آشا ديويءَ جي سريلي گلي مان ماڻهن ٻڌا، تڏهن ته روي لاءِ فلمن وارن ٻه دروازا کولي ڇڏيا ۽ ٻئي ٻانهون کولي روي ۽ آشا ديويءَ جو ستڪار ڪيئون.
مان رويءَ سان گڏ هوندي ٻه پاڻکي سندس پاڇي کان وڌيڪ ڪجهه ڪين سمجهندي هئس.
هڪ رات ته رويءَ سان وري جهڳڙو ڪيم. مون چيو، ”روي هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي“ آشا ديويءَ سان، گيتن کي سجيلا سر ڏيڻ سني ڳالهه آهي پر آشا سان گڏ خريدارين تي وڃڻ، سندس عزت ۾ پارٽيون ۽ ڪوي سميلن ڪويئڻ، سندس هرڪو عدل ڪڻن مان ڇا سمجهان؟“
”آشا ديوي منهنجي ڳونئڻ آهي منهنجين ڪويتئن جو، سندس آواز، ملهه وڌئي ڇڏيو آهي. پوءِ ٻه مان سندس قدر نه ڪريان؟“
”مان ته تنهنجي ڪنهن ڪم ۾ ساٿ نه ٿي ڏئي سگهان. سيدرا وانگر نرتيه

وڃي."
ڏرامر ڪري برف جي هڪ ڇپ، هماليه جي چوٽي تان ڪري پيئي لاهي
سان رڳڙجندي زمين کي ڇلهيندي، هيٺ هيٺ وڃي، ڪنهن تل ترائي ۾
پيئي
پهاڙ جي چوٽيءَ تي سرسوتي، پنهنجي ويڙها مان مٿر سر ڪڍي برهماند
کي ليءِ ۾ آڻي رهي هئي۽ مان هيٺ هيٺ ڪريل برف جي ڇپ جو ڳرڻ
ڏسي رهي هئس... جيئري ڪڳي کي، تڪر ڪري جڏهن ديگڙي ۾ رڌڻ لاءِ
وجهبو آهي، تڏهن ڪيڏي دير تائين اهو ڪڳو تپ ڏيندو رهندو آهي...
ڦتڪندو رهندو آهي جيسين سندس ٽڪر ٽڪر مان، جان پوريءَ طرح
نڪري وڃي... ساڳي حالت هئي هن برف جي ڇپ جي.
روي منهنجي نرتيه کي فلاڻي فلم ۾ سارهايو اٿن، مان وڊيو ڪئسيٽ
ڪٺي ڪئي آهيان. تون ڏس."
مون من ماري ڇيو.
"فرصت هوندي ته ڏسندس، رکي وڃ منهنجي ميز تي."
"روي تون مونکي سيدرا ڇو نه ٿو سمجهين؟ سڀ چون ٿا، مان سيدرا کان
به رتيون سرس آهيان فرتيه ۾..."
"سيدرا سمجهان توکي؟ سيدرا جي جتيءَ ۾ تون پير پائي سگهندينءَ؟...
تنهنجو پهريون پيرو نرتيه مون تنهنجي ڪاليج ۾، سيدرا سان گڏجي ڏٺو
هو. مون توکي سارهايو، هٿ ڇميا.. سيدرا مونکان وڌيڪ سارهايو توکي،
تنهنجي نڙاري ڇميائين... ڪري سگهين تون آشا ديوءَ لاءِ ملئين؟"
اچانڪ ئي رڄ جي چمڪات جيان ڪ عجيب حقيقت تي وڃي نظر پيئي
ڇيمر. "جيئن توکي مون تائين پهچائڻ لاءِ، سيدرا ديوي ساهه ڏني، توکي

آباد ڪيو، تنهن مان برابر نه ڪري سگهندس، پر الڳ رهي، توکي آشا ديويءَ تائين پهچڻ لاءِ تنهنجي راهه کولي سگهان ٿي... شل اهو ڏينهن نه اچي جو تون چوين. آشا ديوي کان ڪنهن به فلم ۾ منهنجو گيت نه ڳارايو وڃي.

سگهين، رستي ڏيکارڻ جوڳي سگهين، ڪجهه ته ضرور ڏسبو توکي.“
”پهريون پيرو آيا آهيو؟..“
ومل وٽ هزار انديشا هلي آيا هن سوال تي. پر پنهنجي ننڍڙي دماغ اندر رکيل، خسيس رقم جو سوچي ڪلي ڏنائين، چيائين، ”پهروين پيرو آيو آهيان، ان ڪري ئي ته رستي جي خبر ڪانهي. مون کي ته هتي هڪڙو منهنجو پوڄاري رهندو آهي...“
”ڪهڙي مندر ۾؟“
”مگر ان وٽ مونکي هلڻو ئي ناهي.“
”ڇو سيٺ؟“
”مون کي توکان ڇا لڪايان، پوڄاري ڪنهن ڪنهن وقت پنهنجي اشٽ ديو کي اهريون ست سريون ٻڌائيندا آهن، جو هو سڄ پٿر ٿي ويندو آهي.“
ڪوليءَ چيو، ”ديوتا پٿر جوڳي ته هوندو آهي. نه ته پوڄاري ڪيس پوڄي ئي نه سگهي جيڪر ،منش ديهي ته مل موٽر سان پري پيئي آهي، ڪير ڪندو ان جي پوڄا سيٺ؟“
”واهه واهه“ ومل ڪولي ڏي نظر اڇلي. قداور ڪوليءَ جي، ڳاڙهي پٽڪي مٿان لٽڪي، هڪ عجيب پاڇو، هرهڪ ڀتيءَ هينان پنتي هليو ٿي ويو يا ساڪو روپ ڪولي اڳيان هلندو ٿي رهيو ڳوٺ جي ڪليڙ ڪوچڙ رستي تان. سگريٽ جي ڇڇڙي، ننڍڙن ٻوٽن جي جهنڊ اندر اڇلي، ومل من ئي من ۾ ڪجي چيو، ”ڪهڙو ٻيڪار ڪم مليو آهي هڪ ليکڪ کي آدم شماري ... ڇه... ۾ ٽرين جو هيتروڻي ٽائيم هجڻ ... ڦو...“
هڪ ڪچي روڊ تي پهچي ڪوليءَ چيو، ”صاحب هيءَ ئي هوٽل هتي سڀ ڪان سٺي هوٽل اٿو.“

ڪوليءَ ڪي مٿي تان لاهي هٿ ۾ جهلي.
وِمل ڪلنٽس ٻئي وني سندس تريءَ تي ڪجهه رپيا ڪٽي رکيا.
ڪوليءَ صاحب جي منهن ۾ نهاريو.
وِمل چيو، "اڇا ڪجهه ڪپي ٻئي ڳري ته ڪانه هئي."
"نه نه صاحب اها ڳالهه ناهي. توهانجي ڪمري ۾ رکي ڏيانو؟"
"بس بس گهڻو ٿيو." چئي وصل مئنيجر سان ڳالهائڻ لڳو. ڏنئين ڪوليءَ
در تائين ويندي ويندي تري ڪولي رپين کي چمي ورتو.
"نالو لکايو." مئنيجر ڪتاب کوليو.
"وِمل...."
"پر ۾ ويٺل نوجوان جي چانهه جو ڪوپ پليٽ ۾ چانهه اوتيندي ترڪي
ويو ۽ پٽ ۾ ٻه ٽڪر ٿي پيو..
وِمل جي نظر جوان طرف ويئي ته جوان اٿي بيٺو، "وِمل.... ليکڪ؟"
وِمل ڪلي چيو، "ليکڪ ته ڪوئي بيو وِمل هوندو فلحال هي بندو ته آدم
سماري ونڻ لاءِ توهناجي ڳوٺ ۾ پڌاريو آهي."
"ليڪن توهانجو نالو به وِمل آهي بس ڏاڍي خوشي ٿي" جوان وڌي اچي
وِمل سان هٿ ملايو.
وِمل ڪيس پاڪر پڪڻ چاهيو. هيڏي ڏاري ڳوٺ ۾ ڪوئي ته پنهنجو هو،
ڪوئي ته سنڌي هو، ۽ "توهان جو نالو به وِمل آهي بس ڏاڍي خوشي ٿي."
وِمل من ۾ چيو "خبر ناهي ڪهڙو عجيب ناتو آهي هن ماڻهوءَ جو وِمل
سان"
"ويهو چانهه پيئو"
وِمل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

”ڇا پيو ڏسين پيارا؟“

پوڄاريءَ مرڪي چيو. ”سوچيان پيو جنهن ديوتا کي توهان جهڙا ڀالڪ نصيب ٿيا آهن.. جن جي منهن ۾ هيڏي مٺيا آهي سو ليڪڪ ڇا هوندو اڇٽوءِ پوندو مونکي توهانجي شهر ۾.“

چانهه سان ڀريل پليٽ ۾ اجلهه ڇت وارو ٻلب چمڪي رهيو هو. ڳوٺ مان آدم شماري جو تعداد لهي آيس. اڄ پوڄاريءَ جي ڀاو ڀري ياد چانهه جي پليٽ ۾ چمڪي اٿي آهي

# وڏلبهار

سيلونتي پٽاٽن جون ڪلون ڦٽيون ڪرڻ نڪتي نہ ڏنڪين پريانبيٺيون گلي ۽ هيران پاڻ ۾ وڙهنبنهي جا هٿ هڪٻئي جي وارن ۾ هئا. هوءَ ڪلن واري رڪيبي چلڻٺ وٺ رکي ڊوڙي اڳنڊ ۾ وڃيبنهي ٿيئرن ڪي ادنر وڊيملئي ڪٿ تي ويهي گليءَ ڪيبنهي گوڏن وچ ۾بيهاري چيلئين, "هاڻي ٻڌاءِ مونکي ڇا تان پئي وڙهيون؟"

ڇهن ورهين جي هيران ٿپ ڏيئي ڪٽ تي چڙهي ويئي ۽ ماءُ جي پنيءَ تي چڙهي سندس ڳچيءَ ۾ٻانهون وجهي چيلئين, "ممي ممي مونکي ٿي چوي شيلوءَ سان نہ ڳالهاءِ."

ماءُ چيو, "چو گلي چو ٿي پين کي شيلا سان ڳالهڻ ڪان جهلين؟" گلي مٿون سجلئيبانهون بڌي ڦوڪيبيني رهي.

ماءُ چيو, "ٻڌاءِ شيلوءَ توکي ڇا ڪيو؟"

گليءَ پنهنجو اٺن ورهين جو سرير لوڏي چيو, "وچ مان نٿيبڌايانءِ."

"ممي ممي هيران نندڙن هٿن سان ماءُ جو منهن پاڻ ڏانهن ڦيرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو, "شيلا گليءَ کي چيو, "ڪتي"

"هان توکيملئين چيلئين؟"

"تڏهن ڇا؟" هاڻي گليبود ۾ اچي ڳالهڻ لڳي.

"ممي شيلو ۽ هيرانبئي پئي پينگهہ لڏيون تہ مون چيومان. "ٿوري دير مونکيہ لڏايو تہ نٽيون لڏڻ ڏين انڪري مون پينگهبيهاري ڇڏي تہ شيلو ٿي مونکي چوي "ڪتي" پوءِ مان شيلو سان پنهنجي پيڻ کي چو

ٻوڙندي پڇي ويئي. ماڻهن ٻاهر نظر ڪئي ته ڏٺائين پر وارن گهرن ۾ رهندڙ گليءَ جون ساهيڙيون گلر ناهي وڃي رهيون هيون گليءَ ۾ وڃي تن سان ملي. ڪن گهڙي ته هوءَ ٻاهر پڪڙيل گاهه جي ميدان، پينگهه ۽ چڪري تي ڦرندڙ ٻارن کي ڏسندي رهي. گهر جي چوديواريءَ جي ٻلڪل اڳيان گلن ٻوٽن جي وچ ۾ هيءُ ننڍڙن ٻارن جو وسيل جهان کيس ڏاڍو وڻيو. اپ تي ڪڪر مري آيا هئا. هلڪي ڦڙ ڦڙ ٿيڻ لڳي ٻار رڙيون ڪندا مينهن آيو مينهن آيو چوندا ڀڄڻ لڳا. گلر ناهي وڃي ڇڇرين هينيان لڪا. آسمان ۾ ڪبوترن جا گلر اڏامندا ويا. سيلونتي جي من کي هي درشيه ايڏو ته ليئي ويو جو الاجي ڪهڙي جهان ۾ کوهجي ويئي. اوچتو پاڇيءَ جي سڙڻ جي ٻانس آيس ته ڪٺنيئي تڪر ديگڙو لاهي ڪٽي هيٺ رکيائين. رڌڻي ۾ ڪافي اونده ٿي چڪي هئي. سيلونتيءَ اٿي لالٽين کي تيلي هڻئين.

سوپراج رڌڻي وٽ اچي چيو، ”چا ويٺي ڪرين اندر؟“ سيلونتي پاڇيءَ ۾ پاڻيءَ ڊڪ وجهي ديگڙو چلهه تي رکي، گهوٽ سان گڏ ٻاهر ڪمر يءِ ۾ هلي مئي.

سوپراج ڪوٽ لاهي ٻيڙي ڪٽي ڇڪڻ ويهي رهيو. سندس منهن تي سخت ناراضپو هو. سيلونتيءَ وٽي سان هٿ اگهندي چيو، ”چو ڪجهه ٿيو آهي چا؟“

سوپراج جي منهن جون وڳون تاڻجي ويئون منهن ڦيري چيائين، ”ٿيندو وري چا؟ چوندو ته آهيان انهيءَ چرئي جو مٿو نه ڦير.“

”ڪهڙو چريو؟“ سيلونتيءَ من ۾ ته سمجهو پر ٻاهران چيائين، ”ٻڌايو به ته ڪهڙي چرئي جي تا ڳالهه ڪريو؟“

”اڙي اهو پاڻهين چريو ٻيو ڪير.“

سيلونتيءَ جون اکيون ڦاٽي ويئون. پر مرد غصي ۾ اچي ته عورت کي چپ ڪرائي سونهين ٿي سو سيلونتي اٿي وڃي ڪم ڪار کي لڳي پر من سندس وس کان ٻاهر نڪري چڪو هو هر هر پيئي سو چي هي ڪهڙو حساب آهي. مالڪ ۽ نوڪر کان انهيءَ ته مٿي ڪونهي. ۽ پرش ۾ ههڪجهڙائي ڪهڙي تڏهن ڪائي چيز ڪانهي؟ تڏهن هيڏا ڊول ڇا جا پيا پٽين. اندر ڪا ودر وهٽي ناري رڙ ڪري اٿي تون گهر ڇڏي هلي وڃيس. پر گهر ڪيئن ڇڏبو. جيڪو ڏوليءَ چڙهي اچي وسائبو آهي ۽ ڪاٺي تي چڙهي ڇڏيو آهي اهو گهرٻاٻا نه مان گهر ڪيئن ڇڏينديس؟ ليڪن سومانهءَ ته ڪا چيز آهي... گهر ڇڏڻوئي پوندو مونکي ڏيراڻيءَ لاءِ حسد ڪرڻي ته سباهه ناهي، ڪيس پلي منهنجي سڳي ڀاءُ لاءِ به حسد ڪرڻي ته مباهه آهي" سيلونتيءَ محسوس ڪيو ڪوئي تکو زهر سندس رڳن ۾ دورو ڪري رهيو هو. روٽي وغيره تيار ڪري پتي ۽ ٻارن کي ڪارخاني پٺو ۾ ستل سس کي به ٽيئي ماني پر ڪائنس گراهي نه اکلي. سويراج جو من مزي ۾ ڪين هو. هو چپ ڪري سمهي پيو تهٻارن ڪ به جلدي ننڊ ڪڄي ويئي. ۽ سيلونتي ڪين چادر وجهڻ لڳي تهنهي ڇوڪرين جونهانهون ههڪٻئيجي ڳچيءَ ۾ پيل ڏسي چپ ٿي ڪن گهري ڪينهبيني ڏسندي رهي. اهيئي ڇوڪريون جن سانجهيءَ جو ههڪٻئي جي وارن ۾ هٿ وجهي ونگ ڪئي هئي سي سڀ ڪجهه وساري ڪيڏي پيار جي ساگر ۾ ڏوبي اوجل ٿي پيئون هيون پر هنن جي ويڙهه به ان ڳالهه تائين لڳي هئي. جو گليءَ چيو هو هيران شيلوءَ سان نه ڳالهائي ڇاڪاڻ ته شيلوءَ سندس بيعزتي ڪئي هئي. ڪيترو چڱو ٿئي جي اسين به هنن ٻارن جيان پنهنجو جهانهبنايون جيئن هو ڪن ۾ سڀ ڪجهه وساريو ڇڏين تيئن اسين به ويڙهه جهيڙهه وساري ڇڏيون.

سيلونتيءَ جهليو اٿس.

”مان نہ ڏيندو سال“ سويراج پتنيءَ جي ڪن وٽ وات آڻي چيو.

”ڇا نہ ڏيندو؟“

”ٻالهڪڙ جا ويو تنهار رکندا آهن اسين تہ وڏا آهيون.“

”پر پيقار تنهارن وانگرٽي ڪنداسين.“ چوندي سيلونتي اچلجي اٿي ويني،

”مان هاڻي روٺي ڪلڪي ٿي اان“ چوندي، پتيءَ جي اڳر موري پيجي وئي .

# مرڪ تي منع

لنبي عرصي کان پوءِ تي هئي پڪنڪ. چتريج ڪيترو وقت ٻيڙيءَ کان پرتي ويندڙ پاڻيءَ کي تڪي رهيو هو. اوچتو راڻيءَ طرف منهن ڪري چيائين، ”مونکي لڳي ٿو، توکي منهنجي باري ۾ ڪائي غلطفهمي ٿي آهي....“

راڻيءَ جي پلڪن جا سورج مکي اڌ گول ڪجهہ دير چتريج کي تڪيندا رهيا. پڇيائين، ”چو ٿو لڳي توکي ائين؟“

”ائين ئي.... لڳندو آهي تون مونکي Avoid (نظرانداز) ڪرڻ ٿي چاهين.“

”نہ نہ....“ فلڪ سان ڪنڌ ڌوڏيو راڻيءَ ۽ سندس پيشانيءَ تان گنجہ غائب هو. ٻيڙيءَ ممبراجي ڪاريءَ ۾ هلندي رهي. دوست ۽ سڪيون سڀ هڪٻئي کان حال احوال وٺڻ ۾ مشغول ٿي ويا. ڪنهن وقت ڪنهن اٿي جي گولي پاڻيءَ ۾ ٿي اڇلي تہ ٿپ جي آواز تي مڇليءَ اچي جهتي ٿي ورتي. راڻي جي من سطح تي وري اهو سوال لڪجي ٿي ويو لڳندو آهي، تون مونکي نظرانداز ڪرڻ ٿي چاهين.“

اچانڪ راڻي کي ائين لڳو ڪوئي يادن جو ديوتا ڪيس وارن کان ڇڪي، هيٺ پاڻيءَ ۾، گهڻو هيٺ پاتال لوڪ ۾ وٺي ويو آهي، پاتال لوڪ جا پرش ۽ استريون، فقط جل جي لهرن ۾ وڪوڙيل آهن ۽ سونهري پهاڙيءَ تي وينا هڪٻئي سان مرڪي رهيا آهن. راڻيءَ ڏٺو هڪ قرب ڀري مرڪ اڇليائون پر سندن مرڪ راڻيءَ جي دل ۾ گهاءُ ڪري وڌو.

راڻيءَ سندن مرڪ ڪين ورائي تہ جل پراڻي جنهن ڪيس هن پاتال لوڪ ۾

آهي.“

”معاف ڪجو راڻي وچ ۾ ٿو ڳالهايان... استريءَ جي مرڪ سرڪ جون ڳالهيون توهين سوچيو. مونپڪي تہ ولائت ۾ رهندي اهو آزمودو ٿيو آهي تہ پرش هڪ وقت هڪ استري ماڻي سگهي ٿو. پر استري لاحول ولا... ...“

چتريج رام جي وات تي هٿ رکي ڇڏيو. ”ڏس رام تون آهين ڦڪڙ پر هن ماحول کي اپوتر نہ ڪر. پليءِ پاهران چڪر هڻي آيو آهين پر مان داعوي سان ٿو چوان ههڙو پيٽپي ۽ محبت سان پريل گروپ توکي ڪٿي نہ مليو هوندو.“

رام کن پڪڙي پتريج اڳيان جهڪي چيو. ”گرو تو ڪٿيو... پيٽي اسان لاءِ تہ هرڪا استري راني...“

راڻيءَ تڙچي نگاهہ سان ونود طرف ڏٺو جڻ ڏوراپو ڏيئي رهي هئي. ڏس هيءُ آهي نہ ماحول. ڪنهن گنپيربحث جو؟...ونود رام کي ڪنڌ کان پڪڙي چيو. ”جهڪ هنن چرنن منجهہ کن پڪڙ ڇہ ڪا ڪا استري راڻي آهي.“

”معافي“ رام چيو.”بس راڻيءَ ي راڻي ٿيندي آهي.“ سندس چوڻ جو انداز ڪجهہ اهڙو هو جو سڀ کلڻ لڳا.

راڻي تہ کلندي کلندي ڳاڙهي ٿي ويئي. ونود مگڏ نگاهہ سان سندس طرف ڏسي رهيو هو. سندس اکرن ان نظر سان راڻيءَ جي اندر ۾ پراڏو ڪيو.

”ڪا ڪا استري راڻي آهي.“

راڻيءَ ڪجهہ پاونا وس ٿي. ڪجهہ پتي ورت ڌرم جي پالنا ڪندي چيو.

”مانبلبا راڻيباڻي ڪانہ آهيان منهنجو تہ فقط نالو راڻي آهي...“

ليڪنڪين چوندي راڻيءَ محسوس ڪيو سندس مک تي هڪ مکت ۽

ڪلنديون اڳتي هلڻ لڳيون.
جهنگلي پيچري تان هلندي، شانتي ۽ سڌير اڳتي هلي ويا.
راڻي اڪيلي هلي رهي هئي. سروپ سندس پر ۾ اچي چيو، ”مان توهان سان گڏ هلان ته توهان اڪيلا نه ٿيندا.“
”مان؟...اڪيلي“ راڻيءَ ڪليو، ”منهنجي خوبي دنيا ڪڏهن مونکي اڪيلو ڇڏيوئي ڪانهي.“
”ته نه هلان؟“ سروپ بيهجي ويو.
”اڙي اڙي توکي گڏ هلڻ کان ڪنهن منع ڪئي؟“ راڻيءَ سندس ٻانهن پڪڙي ورتي.
سرووپ گڏ هلندي چيو، ”توهانکي خبر ناهي ڪيئن لڳي، مگر مان سچ ٿي چوان ته هن گروپ ۾ اچڻ سان ئي، مون توهانکي الڳ ئي ڇا ڇا سمجهيو آهي“
”اڇا“ راڻي ڪلڻ لڳي.
”منهنجي رچيل هڪ ڪوتلڀڏندا“
”اڙي تون ڪيڏي مهل ڪوي ٿيڻ جي ڦندي ۾ ڦاٿين؟“
”بس ڦاسجي ويس...“ هڪ ڏينهن مونکي اچ لڳي هئي. تڏهن ٻه اسين هڪ پڪنڪ لاءِ نڪتا هئاسين. مون چيو هو اچ ته ڪيڏي لڳي آهي. ليڪن منهنجو آواز فقط توهانجي ڪنن ٻڌو... توهان پنهنجي پتيءَ کي چيو،
”سروپ کي اچ لڳي آهي.“
”پاڻي ته هتي ملڻ مشڪل آهي.“
”ته ڪو ڪو ڪولائي وٺي پياريوس.“ ۽ ان رات گهر وڃي مون توهان لاءِ خبر ناهي ڪيتري رات تائين ٻئي سوچيو.“

”اڇا“
”توهانجو مڪين ”اڇا“ چوڻ مونکي ڏاڍو وڻندو آهي. لڳندو آهي ڪنهن سناڻي واري منڊ ۾ گهنڊ ٻڌي وڃيو“
”ڪنجهون ته نه؟“ راڻيءَ جي مکه مان هڪڙو مکت کل جو ڦوهارو ڦهلجي ويو.
”ڏسو توهين مڪين نه ڪلو. مونکي لڳي ٿو توهين منهنجو مذاق ٿا اڏايو.“
”نه ڙي، مونکي ته پنهنجي ساراهه ٻڌي، سلبه توبهه گوپال وٽان، ڏاڍي خوشي پيئي ٿي.“
”توهان لاءِ سڀ دوست چوندا آهن ٻه.“
”ڇا چوندا آهن؟ ڇپ ڇو ٿي وڃين؟“
”چوندا آهن توهين ڪين تمام گهڻو پيار ٿا ڪريو... ۽ اهو شايد زندگيءَ ۾ ڪنهن ڪشش سهڻ جو نتيجو آهي...“
”پاڳل...“
”ڪير؟“
”سپيئي مڪين سمجهڻ وارا.“
”ها مان ته مڪين ئي ٿو سمجهان. سچ ته اهو آهي ته هر ڪو توهانکي پيار ٿو ڪري.“
”نه سچل اهو آهي ته پيار پرسپر آهي. مگر اهو منهنجن ڪشش جو نتيجو ناهي. اهو منهنجي ننڍي هوندي جي ڌرمي وايومنڊل ۾ پالنا جو نتيجو آهي.“
”مطلب؟“
”مطلب... ننڍڙيءَ عمر ۾ مونکي درو پڳت جيان اوم جي آڪار ۾ پرٿوي

جي پراڻين ڪي پلڪڻ سيکاريو ويو. ميران جيان پريو پگھتيءَ ۾ لين رهي، پرٿويءَ جي هر پرش کي، ان اننت پرش جي داسي سمجهڻ سيکاريو ويو، جنهن اڳيان جنس جو ڪوئي ڀيد نہ رهدنو آهي...“

”ها... ها اهوئي سچ آهي ... توهانجي منهن جو تيج نہ تہ ايڏو پربل نہ هجي ها... اف ڪيڏي غلطفهمي آهي ماڻهن وٽ...“

آڪاس جي اتهينءَ ۾ پکي پراهون وڃي رهيا هئا. رانيءَ کي لڳو سندس من جو پکي هتي هن ماحول ۾ اڪيلو ٿي پيو آهي. شريمان، ڊاڪٽر جي اوچتو سڏايل ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سموريءَ ويل هو. راڻي کي سندس غير حاضري هن گهري خاص ککي رهي هئي.

”توهين کلو چو نہ ٿا...“ سروپ اوچتوبيهجي چيو.

”ٻنا چلبيءَ جي؟“

”چلبي تہ رانديڪي جي ٿيندي آهي. مگرد توهين...توهين تہ ...“

سروپ جي ياونا ۾ اهڙي تہ ڏوڙيءَ جي ڦوڪار هئي جو رانيءَ کان سچ پچ کل جي ڦهاڙ ڇٽڪي ٿي.

”ٻس توٿهين ان طرح کلندا رهو...“

”پهرينٻڌاءِ توکي انمان ڇا ٿو ملي...“

”ملي ٿو ڪجهہ“

”مانہ تہٻڌان...“

”ٻڌندا...“ ذرا جهجهڪ سان، سروپ هڪ مرداني نهار رانيءَ تي وڌي ۽ پلڪون جهڪائي چيو، ”توهين کلو ٿا تہ ونکي لڳي ٿو، هن ممبرا جي سجيءَ جهنگلي گهاٽيءَ ۾ اڃن گلنجا نلبار کڙي پيا آهن...“

”ڪيڏن مهينن کانپوءِ ايتري سٺي ڳالهہٻڌڻ لاءِ ملي آهي...“ چوندي رانيءَ

”راڻي سمجهو.“ چتريج جي نگاهہ راڻيءَ جي چهري تي، ۽ خيال پري ڪٿي هو.
راڻيءَ کي لڳو هوءَ گهڻي وقت جيءَ بيماري ڪاٽي، سنان ڪري، اساڪڙي ۾ اچيءَ بيٺي آهي.